

# ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو؟

ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي متعلق سلسليوار ڪهاڻي

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن
پروگرام




هڪ ڏينهن صبح جو ٻار پنهنجي اسڪول ڏانهن پئي آيا تہ روڊ جي پاسي ۾ انهن، ڳوٺ جي چنگچي ڊرائيور ماما مولوءَ کي پوري رنگ جي عجيب قسم جي ڊريس پاتل هڪ ماڻهو سان ڳالهائيندي ڏٺو، جنهن کي ڪلهن وٽان بيج لڳل هئا ۽ مٿي تي هڪ عجيب قسم جو ٽوپلو پاتل هو. ٻارن اهو ڏٺو تہ سندس ڊريس مٿان تارا (Stars) بہ سجايل هئا، جيڪي سج جي روشني ۾ چمڪيا پئي. ٻارڙن کي مٿس حيرت ٿي تہ آخر اهو آهي ڪير؟



ائين پيو لڳي تہ اهو ماما مولوءَ کي ٻڌائي رهيو آهي تہ چنگچي کي صحيح نموني ڪيئن هلائجي. بلال چوڻ لڳو: ”ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪو نئين نموني جو چنگچي ڊرائيور هجي.“

”بلال چرين واريون ڳالهيون نہ ڪر،“ سندس وڏي ڀاءُ چيس. ”ڪو خاص يونيفارم پاتل ماڻهو چنگچي هلائڻ ڇو چاهيندو؟ هو تہ ڪنهن سپاهي وانگر پيو نظر اچي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جنگي جهاز جو پائليٽ هجي. ٿي سگهي ٿو تہ هن جو جهاز آسپاس ڪٿي بيٺل هجي ۽ هي ماما مولوءَ کان ڪي هدايتون وٺي رهيو هجي. هلو اسڪول پهچي ٻين ٻارن کي ٻڌايون.“




QINGQI
QINGQI

اهڙي طرح اسڪول جي سڀني ٻارن ۾ اها ڳالهه پکڙجي ويئي ته ڪو پائليٽ آيو آهي ۽ پاڻ سان گڏ ڪو جهاز به آندو اٿس. پر راجو کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪو نه پئي آيو.

”اِهو آهي ڪٿي؟“ راجو پڇيو. ”مون کي ته هن جو جهاز ڪٿي به ڪو نه پيو نظر اچي. او...... هو رهيو!“ بلال رڙ ڪندي چيو. روڊ جي پاسي ۾ پائليٽ بيٺو آهي. جيڏانهن بلال اشارو ڪري رهيو هو، راجو انهيءَ پاسي ڏانهن نهاريو. ”اڙي بلال! اهو ڪو پائليٽ ڪونهي ۽ نه ئي ڪو سپاهي آهي، اهو ته روڊ سيفٽي آفيسر آهي.“ راجو چيو.


”روڊ سيفٽي آفيسر؟ اهو وري ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟ اهو روڊ تي جهاز هلائيندو آهي ڇا؟“ بلال منجهيل انداز ۾ کانئس پڇيو. هن کي واقعي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو.

”مون کي سچي خبر آهي ته هڪ روڊ سيفٽي آفيسر جو ڪهڙو ڪم هوندو آهي. منهنجو هڪڙو چاچو جيڪو شهر ۾ رهي ٿو سو ٽريفڪ پوليس آفيسر آهي. هن کي اها ڳالهه يقيني بڻائڻي هوندي آهي ته ماڻهو روڊ کي سلامتي سان استعمال ڪري سگهن، چاهي اها ڪا گاڏي هلائي رهيا هجن، ڪنهن سائيڪل تي سوار هجن يا وري پيادل هلي رهيا هجن. روڊ سيفٽي آفيسر هر ڪنهن کي سلامتيءَ سان روڊ استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، خاص ڪري ٻارن کي.“ راجو جواب ڏنو. ”پر مون کي روڊ استعمال ڪندي ڪجهه به نه ٿيو آهي ۽ نه ئي وري مون کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت پوي ٿي.“ بلال جواب ڏنو.

”تي سگهي ٿو تہ تون زخمي نہ ٿيو هجين پر مون کي ياد آهي تہ منهنجي چاچي مون کي هڪڙي دفعي ٻڌايو هو تہ روڊ کي استعمال ڪرڻ وقت ٻارن کي سڀ کان وڌيڪ مدد جي ضرورت هوندي آهي.“ راجو پوري اعتماد سان وراڻيو. ننڍڙا ٻار ٽريفڪ جي اصولن تي گهٽ ئي عمل ڪندا آهن. اهي گهڻو ڪري ڊوڙ پائي روڊ پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ آسپاس واري ٽريفڪ ڏانهن ڪو نہ نهاريندا آهن. اوهان کي تہ خبر آهي تہ ڪيترائي ٻار روڊ جي ويجهو کيڏندا بہ آهن. ڇا اوهان کي اهو ڪم خطرناڪ نٿو لڳي؟ هن محسوس ڪيو تہ هو اهي ئي ڳالهيون ڪري رهيو آهي، جن جي باري ۾ هن کي چڱي طرح ڄاڻ آهي.

”ڇا تو کي لڳي ٿو تہ تون جيڪي ڳالهيون پيو ڪرين سي سڀ صحيح آهن.“ بلال چيو. ”مون کي بہ چڱي طرح ياد آهي تہ هڪڙي دفعي علي روڊ جي پاسي ۾ پئي کيڏيو، هيڏانهن هوڏانهن جانچي ڏسڻ کانسواءِ، هن جيئن ئي روڊ پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ لنگهندڙ بس کان ذري تان ڇيپاتجندي بچي ويو.“ ”تون صحيح پيو چوين، ٿي سگهي ٿو تہ روڊ سيفٽي آفيسر ڳوٺ جي هر ماڻهو جي مدد ڪري.“

”بلال مون کي خبر آهي تہ هر ماڻهو کي اهو ڄاڻڻ جي ضرورت آهي تہ هو روڊ تي پنهنجو پاڻ کي ڪيئن صحيح سلامت رکي، خاص ڪري ان وقت جڏهن ڪيترئون ئي بسون، ڪارون ۽ ٽرڪون پوري تيز رفتاري سان پيون لنگهنديون هجن.“ راجو چيو. آئون سوچان ٿو تہ اسان کي وٽس وڃي پڇڻ گهرجي تہ هو اسان جي ڳوٺ ۾ ڪهڙي مقصد سان آيو آهي.






اهڙي طرح ٻئي ڇوڪرا انهيءَ آفيسر وٽ ويا. سندس چهرو وڏين مڇين سان ۽ دوستاڻي انداز وارو هو ۽ جهاز جي بجاءِ سندس پاسي ۾ اڇي رنگ جو هڪ وڏو موٽر سائيڪل بيٺو هو، سندس ڪيسي ۾ هڪ سيٽي هئي، جهڙي نموني سندس چاچي جي ڪيسي ۾ هوندي هئي. راجو جي ڳالهہ صحيح نڪتي، اهو شخص واقعي هڪ روڊ سيفٽي آفيسر هو.

چند سوال جواب ڪرڻ بعد ٻارن کي خبر پئي تہ اهو آفيسر سارجنٽ بهادر انهيءَ ڳوٺ جي ٻارن کي روڊ سيفٽي بابت چند ڳالهيون سيکارڻ لاءِ آيل هو. راجو ۽ بلال خوشي وچان ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپيا. آفيسر سٺي قسم جو ماڻهو هو ۽ هن جو رويو شفقت ڀريو هو. راجو ۽ بلال چاهيو پئي تہ وجي پنهنجي سڀني دوستن کي ٻڌائين تہ جنهن پائليٽ لاءِ هنن سڀني مختلف ڳالهيون پئي ڪيون، تنهن سان هو ٻئي ڄڻا مليو پيا اچن.

انهيءَ ڪري ٻئي ڏينهن هو صبح جو سوير اسڪول پهتا ۽ سيني کي گذريل ڏينهن واري ڳالهہ ٻڌايائون.

”ڇا هو اسان جي اسڪول ڏانهن پيو اچي؟“ هڪڙي ٻار پڇيو.


”مون کان تہ انتظار ئي نٿو ٿئي تہ هو اسان کي ڪهڙيون ڪهڙيون روڊ سيفٽي آفيسر؟ واهہ واهہ ................ ڳالهيون سيکاريندو؟“ هڪڙي ٻئي ٻار چيو. ٻار واقعي خوشي وچان ڪپڙن ۾ ئي نہ ٿي ماپيا.





جيئن ئي ڪلاس جو اڌ ڏينهن گذريو تہ استاد ٻارن کي انهيءَ مهمان جي اسڪول ۾ پهچي وڃڻ بابت ٻڌايو. اها ڳالهہ اسڪول جي سڀني ٻارن تائين پکڙجي ويئي. انهيءَ ڪري ٻارن کي خبر هئي تہ استاد ڪهڙي شخصيت بابت پيا ڳالهائين.

”ٻارو! اڄ اسان وٽ هڪ خاص مهمان آيو آهي؛ انهيءَ ڪري آئون چاهيان ٿي تہ توهان سولا ٿي ويهو ۽ ڪيس ڌيان سان ٻڌو. هي مهمان توهان کي ان حوالي سان ڪافي ڳالهيون ٻڌائيندو تہ توهان روڊ تي پنهنجو پاڻ کي ڪيئن صحيح سلامت رکو. توهان کي تہ خبر ئي هوندي تہ روڊ جي پر ۾ ڪيڏڻ يا بغير ساڄي ۽ کاٻي ڏسڻ جي روڊ پار ڪرڻ ڪيڏو نہ خطرناڪ ڪم آهي. توهان منجهان ڪافي ٻارن کي پنهنجي اهڙن دوستن يا گهر جي ڀاتين بابت خبر هوندي، جن کي بدقسمتي سان ڪونہ ڪو حادثو پيش آيو هوندو. چڱو هاڻي شهر مان آيل سارجنٽ بهادر صاحب توهان کي اهو سمجهائيندو تہ اهڙن حادثن کان ڪيئن بچجي ۽ ڪيئن پنهنجو پاڻ کي روڊ جي حوالي سان محفوظ شاگرد بڻائجي.“





سيئي شاگرد اٿي بيٺا ۽ جنهن مهمان جو انتظار پئي ڪيائون، تنهن کي خوشي وچان ڀليڪار چيائون. سارجنٽ بهادر صاحب کي ڏسي هُو ڏاڍو خوش ٿيا. ٻارن جي ڀيلڪار جو جواب ڏيڻ بعد هن ڪين روڊ سيفٽي بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌايون ۽ ٻڌايائين تہ اهي خاص ڪري انهن ٻارن لاءِ تمام گهڻو اهم آهن جيڪي روڊن جي ويجهو رهن ٿا، ڪيڏن ٿا يا روڊ جو پاسو ڏيئي اسڪول ڏي وڃن ٿا. سارجنٽ بهادر ٻارن کي اهو بہ ٻڌايو تہ روڊ جا قاعدا ۽ قانون رڳو انهيءَ لاءِ نہ هوندا آهن تہ انهن کي ياد رکجي بلڪ اهي توهان کي حادثن کان بچائڻ ۾ مدد ڏين ٿا. سيني ٻارن اهي ڳالهيون ڏيان سان ٻڌيون چاڪاڻ تہ ڪين خبر هئي تہ هو سارجنٽ بهادر کان ڪيتريون اهم ڳالهيون سکي سگهن ٿا.

”واهہ .. هي انهيءَ يونيفارم ۾ ڪيڏو نہ سهڻو پيو لڳي!“ هڪڙي ٻار چيو. ”جڏهن آئون وڏو ٿيندس تہ روڊ سيفٽي آفيسر ئي ٿيڻ چاهيندس.“ راجو چوڻ لڳو.

سارجنٽ بهادر راجو جي اها ڳالهہ ٻڌي ورتي. هن راجو کي سڄي ڪلاس وارن جي سامهون بيهاريو ۽ چيائين ”هن چوڪري مون کي هڪڙي وڏي تجويز ڏني آهي. اڄ کان وٺي توهان ٻار بہ روڊ سيفٽي آفيسر بڻجي سگهو ٿا.“

اهو ٻڌي ٻارن جا چهرا خوشي وچان ٻهڪي پيا. هاڻ هو انهن ڳالهين کي اڃا بہ چڱي طرح سان ٻڌڻ لڳا. راجو کي بہ تعجب ٿيڻ لڳو.




”اڇو تہ هن نموني پروگرام ٿا ٺاهيون، هر پندرهين ڏينهن ڪنهن هڪڙي شاگرد کي ٻن هفتن لاءِ روڊ سيفٽي آفيسر طور چونڊائيندا سين. هن مٿان اها ذميواري هوندي تہ هو اسڪول کلڻ کان اڳ ۽ موڪلڻ ملڻ بعد، ٻارن کي روڊ پار ڪرائڻ ۽ ٻين ڳالهين ۾ سندن مدد ڪندو.“

ٻارن خوشي وچان تاڙيون وڄايون. هاڻي انهن کي اهو آسرو ٿي ويو هو تہ هو بہ سارجنٽ بهادر وانگر روڊ سيفٽي آفيسر بڻجي پئي سگهيا. ڪلاس ٽيچر کي بہ انهيءَ ڳالهہ جي ڏاڍي خوشي هئي.

سارجنٽ بهادر ٻڌايو تہ ”هر روڊ سيفٽي آفيسر کي مون وانگر هڪ صدري (Jacket) ۽ هڪ سيٽي بہ ملندي. روڊ سيفٽي آفيسر بڻجڻ هڪ وڏي ذميداري وارو ڪم آهي. ڳوٺ جي هر ٻار جو تحفظ ۽ فلاح و بهبود جي ذميداري سندن مٿان هوندي آهي. ٻي ڳالهہ تہ روڊ سيفٽي آفيسر مٿان اها بہ ذميداري هوندي آهي تہ ننڍڙن ٻارن کي ٽريفڪ جا قانون ۽ قاعدا سيکاري.“

ڪلاس جي سڀني شاگردن پندرهن ڏينهن لاءِ روڊ سيفٽي آفيسر بنجڻ جي خواهش ڏيکاري.



سارجنٽ بهادر چيو،”ٻارو! ياد رکو تہ توهان فقط تڏهن ئي روڊ تي ٻين ٻارن جو تحفظ ڪري سگهو ٿا جڏهن توهان پاڻ بہ روڊ تي تحفظ ۽ سلامتي جا اصول سکو ۽ شعوري طور تي پاڻ بہ انهن تي عمل ڪريو.“ هن چيو تہ ”پهرين ٻن هفتن لاءِ آئون راجو کي سندس روشن خيالي تي روڊ سيفٽي آفيسر طور چونڊيان ٿو.“

اهڙي طرح راجو پهريون روڊ سيفٽي آفيسر بڻجي ويو. هن پنهنجي خوبصورت صدري پاتي ۽ ٻارن جي رش وقت پنهنجي سيٽي ۽ جهنڊي ذريعي ٽريفڪ کي ڪنٽرول ڪرڻ لڳو. روڊ سيفٽي آفيسر بنجڻ ڪيڏي نہ خوشي جهڙي ڳالهہ هئي... !

پورو ٿيو




# ٻارن لاءِ مفيد معلومات

- پنهنجي اسڪول جي روڊ سيفٽي برگيڊ جو ميمبر ٿيڻ گهرجي، پوءِ روڊ سيفٽي جا ضروري قاعدا سکڻ گهرجن. رضاڪارانہ طور تي روڊ سيفٽي آفيسر بڻجي ماڻهن جي مدد ڪريو، جنهن سان ماڻهو روڊ تي محفوظ هلي سگهن.







- پنهنجي روڊ سيفٽي واري برگيڊ جون ذميواريون تقسيم ڪريو. هر ڪنهن کي الڳ الڳ ڪم ورهائي ڏيو تہ جيئن هر هڪ پنهنجي پنهنجي ذميواري کي صحيح نموني نڀائي سگهي.



- انهن جاين جو پتو لڳايو، جتان ٻار اسڪول ايندا آهن. ڪين خطرناڪ روڊن ۽ چوراهن تان سلامتيءَ سان روڊ پار ڪرڻ ۾ مدد ڏيو.
- جيئن ئي اسڪول جو وقت شروع ٿئي ته تيار ٿي وڃو ۽ ٻارن جي لاءِ سلامتيءَ سان روڊ پارڪرڻ کي يقيني بڻايو. جڏهن توهان ٻارن کي روڊ پار ڪندي ڏسو ته ٽرئفڪ جي رفتار کي گهٽ ڪرائڻ، يقيني بڻايو ۽ ٻارن کي سلامتيءَ سان روڊ پار ڪرايو. ننڍڙن ٻارڙن کي اسڪول کان گهر تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪريو ۽ کين روڊ جا بنيادي قانون ۽ قاعدا سمجهايو.
- سلامتيءَ سان روڊ پار ڪرڻ جا اهم قانون ۽ قاعدا سکڻ ۾ سيني ٻارن جي مدد ڪريو. ائين ڪرڻ سان ڪيترين ئي حياتين جو بچاءُ ممڪن ٿي سگهندو. اوڙي پاڙي وارن کي به روڊ سيفٽي جي قانونن ۽ قاعدن جي اهميت بابت ڄاڻ ڏيو.



- روڊ سيفٽي آفيسر بڻجڻ هڪ وڏي ذميداري وارو ڪم آهي. جيڪڏهن توهان روڊ سيفٽي آفيسر آهيو ته پوءِ توهان لاءِ لازم آهي ته توهان کي روڊ بابت ضروري قاعدا ۽ اصول به معلوم هئڻ گهرجن ته جيئن توهان ٻارن کي روڊ تي محفوظ رکي سگهو.
- هر روڊ سيفٽي آفيسر کي هڪ مخصوص پوري رنگ جي ڊريس پاتل هوندي آهي جيڪا کيس پنهنجي فرض جي ادائيگي ۾ مدد ڏيندي آهي. ڊريس جي مٿانهون صدري (جيڪٽ) ڏينهن هجي يا رات هجي پري پري تائين چٽي نموني نظر ايندي آهي. کيس ڪلهن تي بيج به پري پنڌ کان چمڪندي نظر ايندا آهن. انهي سان گڏ سيٽي به هوندي آهي جنهن جي مدد سان پري پنڌ تائين هلندڙن کي روڊ پار ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي ۽ گڏوگڏ روڊ تي هلندڙ ماڻهن ۽ گاڏين کي سيٽي وڄائي هوشيار به ڪري ٿو جنهن سان ماڻهو آسانيءَ سان روڊ پار ڪري سگهندا آهن.

- پنهنجي اوڙي پاڙي جي وڏڙن (مردن توڙي عورتن) کي ٽريفڪ جي مسئلن بابت آگاهه ڪريو.
- اسڪول ۾ منعقد ٿيندڙ ميلن، شعوري بيداري وارن جلوسن، ناٽڪن ۽ ٻين سرگرمين ۾ پنهنجي استادن جو هٿ ونڊائيندا ڪريو. ائين ڪرڻ سان ٻارن کي روڊ سيفٽي جي اصولن کي سکڻ ۾ مدد ملي ٿي. پنهنجي اسڪول واري علائقي جي آسپاس ٽريفڪ جي مسئلن بابت پتو لڳايو ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي استادن ۽ هيڊ ماستر سان ڳالهه ٻولهه ڪريو.







- پنهنجي علائقي جي مالوند وڏڙن (مردن توڙي عورتن) کي ٽريفڪ جي اصولن ۽ روڊ پار ڪرڻ ۽ سندن مال (ڍور ڍڳن) کي روڊ جي حادثن کان بچاءُ لاءِ پڻ صلاح مشورو ڏيڻ ته جيئن مالوند ماڻهو پنهنجي ۽ پنهنجي مال (ڍور ڍڳن) جي جان بچائي سگهن.

# ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو؟


هي ڪهاڻي روڊ سيفٽي آفيسر جي تعارف بابت آهي، جيڪو گهٽي آمد رفت وارن روڊن ۽ عام استعمال وارن روڊن تي پيادلن ڪي سلامتيءَ سان روڊ پار ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ مقرر ٿيل آهي. روڊ سيفٽي آفيسر راجو ۽ ڪرن جي ڳوٺ ڏانهن چڪر هڻڻ اچي ٿو. ڳوٺ جا ٻارن روڊ سيفٽي آفيسر جي وردي ڏسي ڪنهن حد تائين حيرت ۾ اچي ويا پوءِ ڪين خبر پئي تہ هي دوستاڻي مزاج وارو آفيسر سارجنٽ بهادر آهي، جيڪو هتان جي سڀني ٻارن ڪي سلامتيءَ سان روڊ پار ڪرڻ جا اصول سيکارڻ لاءِ آيو آهي.




روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪهاڻين جو سلسلو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ڏنو ويو آهي، جيڪو روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان نافذ ڪيو پيو وڃي. هن سلسليوار ڪتاب ۾ ڪجھ وڌيڪ ڪهاڻيون هي آهن:




راجو جو خواب



ببلو جي سياڻپ




راجو جا زخم



راجو جي ملاقات



روڊ تي ڪيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن



راجو جي نئين سائيڪل

مصنف: يوشع ذَڪيُ الدين | تصويرون ۽ تشريح: عديل الظفر | ترجمو: گل بيگ گرگيج | ڪمپوزنگ: خادم حسين

شايع ڪرائيندڙ: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

پلاٽ- 9، بلاڪ-7، ڪهڪشان، ڪلفٽن-5، ڪراچي 75600- پاڪستان.

فون نمبر 111-424-111 (21-92) فيڪس :9251652 (21-92)

اي ميل : info@sef.org.pk ويب سائيٽ: www.sef.org.pk

روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ